REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع پهرين مارچ 2024ع بمطابق 19 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 276

سنڌ ۾ رين ايمرجنسي لاڳو، اڄ اسڪول بند رهندا، ڪراچي وارا اڄ گهران نه نڪرن: وڏو وزير

سنڌ جي وڏي وزير جي صدارت هيٺ برساتن جي تياري بابت اجلاس، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي ۾ رين ايمرجنسي لاڳو ڪندي سمورن لوڪل باڊيز، انتظاميا ۽ اسپتالن کي هاءِ الرٽ ڪري ڇڏيو

برسات جو پاڻي خضدار جي جابلو علائقن مان سنڌ ۾ ايندو، ڪراچي ۾ برسات سبب شاهراهه فيصل تي پاڻي جو پريشر هوندو: ڊي جي پي ڊي ايم اي جي وڏي وزير کي بريفنگ

امڪاني برسات سبب ڪراچي يونيورسٽي ۾ بي ڊي ايس ٽرڊ ۽ ايم بي بي ايس ٽرڊ پروفيشنل جي پهرين مارچ تي رٽيل امتحان ملتوي ڪيا ويا، ست مارچ تي ورتا ويندا

گوادر، ڪراچي، حيدرآباد، راولپنڊي، پشاور، مردان، اسلام آباد، ملتان، سيالڪوٽ، نارووال ۽ لاهور ۾ ٻوڙ جهڙي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي: موسميات کاتي جي اڳڪٿي

خيبرپختونخواهه، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ برسات ۽ جابلو علائقن ۾ برفباري جو امڪان، بلوچستان ۾ اڪثر هنڌن تي تيز برسات ۽ ڪجهه هنڌن تي ڳڙو پوڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي ۾ رين ايمرجنسي کي نظر ۾ رکندي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي تي سمورن سرڪاري ۽ خانگي آفيسن ۾ اڌ ڏينهن جي موڪل جو اعلان ڪيو آهي جڏهن ته سمورن لوڪل باڊيز، اسپتالن، واٽر بورڊ، ڪراچي اليڪٽرڪ ۽ ڪينٽونمينٽز کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن. وڏي وزير اهڙو فيصلو وزيراعليٰ هائوس ۾ برسات بابت هڪ هنگامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

نون چونديل ايم اين اي قسم کڻي ورتو، سني اتحاد جو احتجاج، ايوان مڇي مارڪيٽ بڻجي ويو

قومي اسمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس صبح 10 وڳي شروع ٿيڻو هو پر اجلاس مقرر وقت کان هڪ ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو

قسم کڻندڙن ۾ آصف علي زرداري، نواز شريف، بلاول ڀٽو زرداري، شهباز شريف، مولانا فضل الرحمان، خورشيد شاهه، سردار اياز صادق ۽ ٻيا نوان چونديل ميمبر شامل هئا

سني اتحاد جي عمر ايوب، بئريسٽر گوهر، علي محمد خان به قسم کڻي ورتو، استحڪام پاڪستان پارٽي جي عليم خان کي صحيح ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو ته سني اتحاد ڪائونسل جي ميمبرن "لوٽا لوٽا" جا نعرا لڳائڻ شروع ڪيا

تحريڪ انصاف جي حمايت يافته ڪامياب آزاد اميدوارن ايوان ۾ احتجاج ڪيو ۽ عمران خان سميت ٻين اڳواڻن جي آزادي جو مطالبو ڪيو. محمد خان اچڪزئي ۽ سردار اختر مينگل به حلف کڻي ورتو

اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ اڄ ٿيندي، اسپيڪر لاءِ نواز ليگ جي سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي لاءِ پيپلز پارٽي جي غلام مصطفيٰ شاهه نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسمبلي جي نون چونديل ميمبرن قسم کڻي ورتس جنهن کانپوءِ اسپيڪر راجا پرويز اشرف ايوان جي ڪارروائي سڀاڻي صبح 10 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. قومي اسمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس صبح 10 وڳي شروع ٿيڻو هو پر اجلاس مقرر وقت کان هڪ ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو. اجلاس جي شروعات تلاوت ڪلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02


اسلام آباد: نواز ليگ سربراهه نواز شريف حلف کڻڻ بعد صحيح ڪري رهيو آهي

آءِ ايم ايف کي خط لکڻ ملڪ دشمني جي برابر آهي: نواز شريف

اهڙو خط عمران ئي لکي سگهي ٿو، اهو سندس مشن آهي، ڪابه سياسي پارٽي ائين خط نٿي لکي سگهي

چا اها ملڪ دشمني نه آهي، اوهان پاڻ ئي ان جا نتيجا ڪڍو: پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهيون

سائفر کان پوءِ آءِ ايم ايف جي خط مان ثابت ٿئي ٿو ته هي چاهين ٿا ته پاڪستان برباد ٿي وڃي: شهباز شريف

اسلام آباد (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ نواز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف کي خط لکڻ ملڪ دشمني جي برابر آهي. مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ نواز شريف قومي اسمبلي جي افتتاحي اجلاس جي لاءِ پارليامينٽ پهچي ويو. ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نگران وزيراعظم سمري ۾ برداشت نه ڪرڻ جوڳي زبان استعمال ڪئي ۽ الزام لڳايا: عارف علوي

صدر چونڊ عمل ۾ ٿيندڙ بي ضابطگين ۽ حڪومت قائم ڪرڻ جي عمل کان غافل نٿو ٿي سگهي

وزيراعظم جي قومي اسمبلي جي اجلاس بابت سمري آئين جي آرٽيڪل 48 هڪ موجب واپس ڪئي وئي

مقصد آئين جي آرٽيڪل 51 جي تحت قومي اسمبلي جي تڪميل هئي، پر منهنجي عمل کي جانبدار عمل جي طور تي ورتو ويو

ڪيوڙه: صدر عارف علوي لوٽ جي ڪاٽيئن جو مائنو ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ جي صدر عارف علوي نگران وزيراعظم طرفان اماڻيل سمري تي خدشن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته نگران وزيراعظم طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عبدالخالق اچڪزئي بلوچستان اسمبلي جو اسپيڪر ۽ غزالہ گولا ڊپٽي اسپيڪر بڻجي وئي

ڪوئٽا (م ڊ) عبدالخالق اچڪزئي بلوچستان اسمبلي جو اسپيڪر ۽ غزالہ گولا ڊپٽي اسپيڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پ پ سينيٽ جي خالي سيٽن تي فوري اليڪشن جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪيئي سينيٽر ايم اين اي بڻجڻ ڪانپوءِ استعيفيٰ ڏئي چڪا آهن: خط

سينيٽ جي 11 سيٽون خالي ٿي ويون، فوري چونڊون ڪرايون وڃن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي سينيٽ جي خالي سيٽن تي فوري اليڪشن ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. پ پ پارلياميٽرين جي اليڪشن ڪميشن کي لکيل خط جي متن ۾ چيو ويو آهي ته سينيٽ جي 11 سيٽون خالي ٿي ويون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آءِ اڳواڻ عمران خان جو ماسڪ پائي قومي اسمبلي پهتا، احتجاج

علي محمد خان ۽ شير افضل مروت عمران خان جو ماسڪ پائي ايوان ۾ آيا

تحريڪ انصاف جا ميمبر عمران جي تصوير ۽ جهنڊا کڻي ايوان پهتا ۽ نعريبازي پڻ ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي اڳواڻ علي محمد خان ۽ شير افضل مروت عمران خان جو ماسڪ پائي اسمبلي پهتا. قومي اسمبلي جو افتتاحي اجلاس اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايم ڪيو ايم کي گورنر شپ ۽ وزارتون نه گهرجن: خالد مقبول

ايم ڪيو ايم گورنر شپ ۽ وزارتن لاءِ نه آئي آهي، عوام تائين جمهوريت جا اثر پهچائڻ آيا آهيون

ايم ڪيو ايم کو به عهدو ناهي گهريو، حقيقي مينڊيٽ سان واپس آيا آهيون، اڃا وڏيڪ سيٽن جي اميد هئي

اهڙي جمهوريت جنهن جا اثر عوام تائين نه پهچن، بي مقصد آهي، پاڪستان جي 23 ڪروڙ عوام کي حق ڏيڻا پوندا

پشاور: ڪي پي اسمبليءَ جو اسپيڪر عهدي جو حلف کڻي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ خالد مقبول صديقي چيو آهي ته عهدن جو فيصلو ٿي ويو اسان کو به عهدو ناهي گهريو. قومي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف پڻ قومي اسمبلي جي پهرين اجلاس جي ڪارروائي ڏٺي

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف پڻ قومي اسمبلي جي پهرين اجلاس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪرمپور، ڪچي مان اغوا ٿيل پوليو مهم جو سپروائيزر بازياب نه ٿيو، احتجاج، ڌرڻو

مغوي جي وارثن ۽ پوليو ورڪرز طرفان ڪرمپور لاڙي وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو

ڪنڌڪوٽ_شڪارپور روڊ تي ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، مسافر پريشانين ۾ وٺجي ويا

پوليس مغوي نعيم پيڙ جي بازيابيءَ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن، پوليس ڌاڙيلن آڏو بي وس بڻيل آهي: مظاهرو ڪندڙ

ڪرمپور (رپورٽر+ م ڊ) ڪرمپور ويجهو ڪچي مان اغوا ٿيل پوليو مهم جو سپروائيزر نعيم پيڙ بازياب نه ٿي سگهيو. مغوي جي وارثن ۽ پوليو ورڪرز طرفان ڪرمپور لاڙي وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو. ڪنڌڪوٽ_شڪارپور روڊ تي ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پاڪستان کي معاشي صورتحال جي بهتري لاءِ ڏيان ڏيڻو پوندو: آمريڪا

پاڪستان جي نئين حڪومت کي فوري طور تي معاشي صورتحال کي ترجيح ڏيڻي پوندي

پاڪستان آءِ ايم ايف ۽ ٻين عالمي مالياتي ادارن سان ميڪرو اڪنامڪ ريفارمز جي لاءِ ڪم جاري رکي

ايندڙ ڪيترن ئي مهينن جون پاليسيون معاشي استحڪام کي برقرار رکڻ جي لاءِ انتهائي اهم هونديون

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا چيو آهي ته پاڪستان جي حڪومت کي فوري طور تي معاشي صورتحال جي بهتري لاءِ ڏيان ڏيڻو پوندو. پرڏيهي خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ميٿيو ملر هفتيوار پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

بئريسٽر گوهر جو قومي اسمبلي جي اسپيڪر کان وڏو مطالبو

ايوان اڃا مڪمل ناهي ٿيو، اسپيڪر اليڪشن ڪميشن خلاف رولنگ جاري ڪري: بئريسٽر گوهر

قومي اسمبلي ۾ عورتن جي 60 ۽ اقليتن جون 10 سيٽون آهن، هن وقت قومي اسمبلي جو ايوان اڌپورو آهي

اسلام آباد: بئريسٽر گوهر ۽ عمر ايوب حلف کڻڻ لاءِ پارليامينٽ هائوس ۾ ويندي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بئريسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته قومي اسمبلي جو ايوان اڃا مڪمل ناهي ٿيو. قومي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

مرتضيٰ وهاب، اسٽيڊيم ۾ تماشائين کي صفائي ستراڻي جو خيال رکڻ جي درخواست ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، پاڪستان سپر ليگ دوران اسٽيڊيم ۾ تماشائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

موسميات کاتي پاران برساتن جي اڳڪٿي، واٽر ڪارپوريشن پاران انتظام مڪمل

وڏي وزير جي هدايت تي واٽر ڪارپوريشن سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن: انجنيئر اسد الله خان

ڪارپوريشن وٽ ٽوٽل 53 سڪشن مشينون موجود آهن، اهم رستن ۽ ڊيپ ايريا جي 30 مختلف جاين تي مشينون لڳايون ويندين

ڪراچي (رپورٽر) چيف آپريٽنگ آفيسر واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان چيو آهي ته وڏي وزير جي هدايت تي واٽر ڪارپوريشن سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن. وڏي وزير جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ برساتن جي حوالي سان اهم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

فضل الرحمان پاران اسپيڪر، وزيراعظم ۽ صدر جي چونڊ جو بائيڪاٽ، اپوزيشن ۾ ويهڻ جو اعلان

سياسي اڳواڻن سان ذاتي لاڳاپا ۽ حجت آهي پر اسان جي پاليسي آهي ته اسان ووٽ نه ڏيندا سين: مولانا فضل الرحمان

جنهن پارليامينٽ جو نتيجو عوام هٿ ۾ هجڻ بدارن اسٽيبلشمينٽ جي هٿ ۾ هجي ان جو حصو بڻجڻ نه اسين

اسان پارليامينٽ کي عوام جو نمائندو گهٽ اسٽيبلشمينٽ جو نمائندو وڏيڪ سمجهيون ٿا: ميڊيا سان ڳالهيون

جي يو آءِ ايف سربراهه مولانا فضل الرحمان

اسلام آباد (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان قومي اسمبلي ۾ اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، وزيراعظم ۽ صدر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اميد آهي ته نوان چونديل ميمبر عوام جي خواهشن تي پورو لهندا: اسپيڪر راجا پرويز اشرف

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف نون چونديل ميمبرن جي اڃيان ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سمورين سياسي پارٽين ملڪ کي معاشي ۽ سياسي بحران مان ڪڍڻ ۾ ڪردار ادا ڪن: احسن اقبال

ڪا هڪ پارٽي ملڪ کي بحران مان نٿي ڪڍي سگهي، سمورين پارٽين کي متحد ٿي ميثاق معيشت تي ڳالهائڻ گهرجي

اسان اهو فيصلو پڻ ڪرڻو آهي ته اسان کي ملڪ کي روانگي واپار ذريعي بحران مان ڪڍڻو آهي يا قرضن سان

اسلام آباد (اي پي پي) مسلم ليگ (ن) سان تعلق رکندڙ قومي اسمبلي جي نئين چونديل ميمبر احسن اقبال چيو آهي ته سمورين پارٽين جي ذميواري آهي ته هو ملڪ کي معاشي ۽ سياسي بحران مان ڪڍڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

گوادر طوفاني برسات، حڪومت ضلعي کي آفت سٽيل قرار ڏئي ڇڏيو

نگور ۾ برساتن سبب ٻنين جا حفاظتي بند ٽٽي پيا، پاڻي شهر ڏانهن وڌڻ لڳو

گوادر کي آفت سٽيل قرار ڏيڻ بابت نگران وڏي وزير سمري تي صحيح ڪري ڇڏي

گوادر (م ڊ) گوادر کي طوفاني برساتن کانپوءِ ڳڻتي جوڳي صورتحال سبب آفت سٽيل قرار ڏنو ويو آهي. گوادر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ برسات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ملير: شاهه لطيف واري علائقي ۾ فائرنگ جي ٻن واقعن ۾ 3 ڄڻا قتل

صالح محمد ڳوٺ ويجهو حبيب پٽ صالح محمد ۽ علي نواز لاشاري مارجي ويا

فائرنگ جي ٻن ڌارڌار واقعن ۾ 3 ڄڻا قتل ٿيا آهن: ايس ايس پي ملير

ملير (رپورٽر) ملير جي شاهه لطيف ٽائون واري علائقي ۾ فائرنگ جي ٻن واقعن ۾ 3 ڄڻا قتل ٿي ويا. شاهه لطيف واري علائقي ۾ فائرنگ جي ٻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

قومي اسمبلي جي گيلري ۾ مريم نواز ۽ آصف ڀٽو جي ملاقات

ميمبرن جي حلف برداري تقريب دوران مريم نواز ۽ آصف ڀٽو گيلري ۾ موجود هيون

آصف مريم کي وڏ وزارت ماڻڻ تي مبارڪ ڏني، آصف زرداري جي حلف وقت نعرا به هنيا

اسلام آباد: (م ڊ) پنجاب جي نئين چونديل وزيراعليٰ مريم مريم نواز ۽ آصف ڀٽو جي قومي اسمبلي جي گيلري ۾ ملاقات ٿي آهي جنهن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

مريم نواز کي حڪمراني جو اختيار ناهي، وڏي تباهي ٿيندي: پي ٽي آءِ

باني سان ملاقات ۾ اليڪشن ڪانپوءِ جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ٿي: شعيب شاهين

اليڪشن ڪميشن ڏانڊلي ڪئي، اسان سپريم ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪنداسين

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شعيب شاهين اعلان ڪيو آهي ته هو خيبرپختونخوا جا سمورا ٽڪ ڪولڻ لاءِ نيار آهن. اڊيالا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سيوهڻ: هزارين عقيدتمند قلندر شهباز جي ميلي ۾ شريڪ آهن

ايم اين پي جو پارليماني چونڊ عمل ۾ حصو نه وٺڻ جو فيصلو

پارٽي موجوده صورتحال ۾ صوبائي اسمبليون ۽ سينيٽ ۾ ڪنهن کي راءِ ڏيڻ جي حق ۾ نه آهي: اسفند يار

اي اين پي سويلين بالادستي، جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي مضبوطي چاهي ٿي، اڪثريتي پارٽين عهدن جي آڇ ڪئي

. اصولي موقف آهي پهريان مينڊيٽ چورن کان مينڊيٽ کسي حقيقي نمائندن کي ڏنو وڃي

پشاور (م ڊ) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) پارليماني اليڪشن جو حصو نه بڻجڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اي اين پي جي سربراهه اسفند يار ولي جو چوڻ آهي ته سندن اسمبلي ميمبر، سينيٽ ۾ چونڊ عمل جو حصو نه هوندا. هن چيو ته اي اين پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سيوهڻ: گورنر ڪامران ٽيسوري قلندر شهباز جي مزار تي چادر چاڙهي رهيو آهي

اليڪشن ڪميشن پهرين مارچ 2024ع تي صدر جي چونڊ جو شيڊول ۽ پبلڪ نوٽيس جاري ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن طرفان پهرين مارچ 2024ع تي صدر جي چونڊ جو شيڊول ۽ پبلڪ نوٽيس جاري ڪيو ويندو. آئين تحت صدر جي چونڊ لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ لاءِ هڪ ڏينهن مقرر ڪيو ويندو. 2 مارچ تي منجهند 12 وڳي تائين اميدوار نامزدگي ڪاغذ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اتحادي پارٽين جو وفد مولانا فضل الرحمان کي پرچائڻ ۾ ناڪام

نواز ليگ، پيپلز پارٽي ۽ ٻين پارٽين جو وفد مولانا جي رهائش گاهه تي پهتو. مولانا پاران آجيان

اسان جمهوري ماڻهو آهيون اسان جو مولانا فضل الرحمان سان عزت جو تعلق به آهي، ووٽ گهرڻ آيا هئاسين: ايازصادق

ڳالهين دوران مولانا فضل الرحمان به پنهنجا خدشا پيش ڪيا جنهن تي ڳالهيون ڪيون ويون پر انهي ووٽ ڏيڻ جو راضيپو ظاهر نه ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سميت ٻين اتحادي پارٽين جو وفد ايوان ۾ حمايت گهرڻ لاءِ مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي پهتو جن جو مولانا فضل الرحمان استقبال ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

روسي صدر جي نيٽو ملڪن کي جوهري جنگ جي ڌمڪي

جيڪڏهن نيٽو جون فوجون يوڪرين جنگ ۾ شامل ٿيون ته جوهري جنگ پڪڙجي سگهي ٿي: پيوٽن

فوج جي جنگي صلاحيتن ۾ اضافو ٿيو آهي، اهي اعتماد سان اڳيرائي ڪن پيون ۽ نون علائقن کي آزاد ڪرائين پيون

ماسڪو (م ڊ) روسي صدر ولاديمير پيوٽن اولهه ملڪن کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن نيٽو جون فوجون يوڪرين جنگ ۾ شامل ٿيون ته جوهري جنگ پڪڙجي سگهي ٿي. پرڏيهي خابرو اداري موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

فيبروري جي آخري ڏينهن ڊالر مهيني جي گهٽ ترين سطح تي بند

آخري ڪاروباري ڏينهن دوران ڊالرز هڪ پئسو گهٽجي 279.11 رُپين تي بند ٿيو

انٽربئنڪ ۾ فيبروري دوران ڊالر جي مٺهه ۾ 39 پئسا لات رکارڊ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) انٽربئنڪ ۾ فيبروري جي آخري ڏينهن ڊالر مهيني جي گهٽ ترين سطح تي بند ٿيو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب، انٽربئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

فافن اليڪشن ڪميشن جي استعيفيٰ بابت شعيب شاهين جي دعويٰ رد ڪري ڇڏي

ڪڏهن به اليڪشن ڪميشن کان استعيفيٰ جو مطالبو ناهي ڪيو. سياسي اڳواڻ پنهنجي سياست ۾ نه گهلين

فافن سمجهي ٿو ته اليڪشن ڪميشن کي چئلينج ٿيل تڪن جي ڪنهن به آڌار جي قيادت ڪرڻ گهرجي

سياسي اڳواڻ عوامي بيان ڏيڻ کان پهرين پنهنجو هوم ورڪ مڪمل ڪن: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد: جي يو آءِ ايف سربراهه مولانا فضل الرحمان حلف بعد صحيح ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) فري اينڊ فيئر اليڪشن نيٽ ورڪ (فافن) پي ٽي آءِ اڳواڻ شعيب شاهين جي دعويٰ جي تردڪ ڪري ڇڏي. ان بيان کانپوءِ فافن پڌرائي جاري ڪندي چيو آهي ته ڪڏهن به اليڪشن ڪميشن کان استعيفيٰ جو مطالبو ناهي ڪيو. سياسي اڳواڻ آزاد سول سوسائيٽي گروپن کي پنهنجي سياست ۾ نه گهيلن. فافن جو چوڻ هو ته سياسي اڳواڻ عوامي بيان ڏيڻ کان پهرين پنهنجو هوم ورڪ مڪمل ڪن. فافن سمجهي ٿو ته اليڪشن ڪميشن کي چئلينج ٿيل تڪن جي ڪنهن به آڌار جي قيادت ڪرڻ گهرجي. فافن موجب، آڌار ۾ آزاد مبصرن، سياسي پارٽين ۽ لاڳاپيل اميدوارن جي نمائندن کي به شامل ڪرڻ گهرجي.

سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ميونسپل ڪمشنر کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو

توهان بيمار ملازم جي علاج لاءِ سندس زال جي مالي مدد چو نه ڪئي آهي؟: عدالت

چارج رلندي ڪجهه ڏينهن ٿيا آهن، عدالت جي حڪم تي عمل ڪنداسين: ميونسپل ڪمشنر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد بينچ ايڇ ايم سي جي رٽائرڊ ملازم کي پينشن نه ملڻ تي ميونسپل ڪمشنر کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: علي محمد خان ۽ شير افضل مروت عمران خان جو ماسڪ پائي پارليامينٽ ۾ ايندي

بابر سليم کي پي اسمبليءَ جو اسپيڪر ۽ ثريا بي بي کي ڊپٽي اسپيڪر چونڊجي ويا

سليم سواتي جو پ پ جي اميدوار احسان الله ميان خيل سان مقابلو هو

بابر سليم سواتي 89 ووٽ کنيا احسان الله ميان خيل 17 ووٽ حاصل ڪري سگهيو

ڪراچي (رپورٽر) سني اتحاد ڪائونسل جي اميدوار بابر سليم سواتي خيبرپختونخوا اسمبليءَ جو اسپيڪر ۽ ثريا بي بي ڊپٽي اسپيڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽيڪساس جي ٻيلن ۾ لڳل باهه تاريخ جي ٻي سڀ کان وڏي باهه قرار

ٻيلن ۾ لڳل باهه نندين ڳوٺن ۽ ڍورن جي واڙن کي به پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي ڇڏيو

ٽيڪساس (م ڊ) آمريڪي رياست ٽيڪساس جي ٻيلن ۾ لڳل باهه کي تاريخ جي ٻي سڀ کان وڏي باهه قرار ڏنو ويو آهي. پرڏيهي خابرو اداري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

بڻيا هاءِ وي تي تماشائين جي ڪار ڦري ويئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ رين ايمرجنسي کي نظر ۾ رکندي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي تي سمورن سرڪاري ۽ خانگي آفيسن ۾ اڌ ڏينهن جي موڪل جو اعلان ڪيو آهي جڏهن ته سمورن لوڪل باڊيز، اسپتالن، واٽر بورڊ، ڪراچي اليڪٽرڪ ۽ ڪينٽونمينٽز کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن. وڏي وزير اهڙو فيصلو وزيراعليٰ هائوس ۾ برسات بابت هڪ هنگامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سجاول ۾ ٻن نوجوانن جا قاتل گرفتار نه ٿيا، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

ٻن ڏرين وچ ۾ جهيڙي ۾ گولي لڳڻ سبب قتل ٿيل نوجوان اسلم راجو جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

هٿياربندن اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري عورتن، ٻارڙن تي فائرنگ ڪري اسان جو نوجوان ڪي گوليون هڻي قتل ڪيو آهي:مظاهرين

اسان جا 18 ماڻهون ڪراچي اسپتال ۾ داخل آهن پر پوليس اڃاتائين اسان جي نوجوان اسلم راجو جي قاتلن کي گرفتار ڪري سگهي آهي

سجاول (ڊر) گذريل ڏينهن جاتي جي حد ۾ زميني تڪرار تان ٻن ڏرين جي جهيڙي ۾ راجا برادري جو قتل ٿيل نوجوان جي وارثن پاران ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ، جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو. گذريل ڏينهن جاتي جي حد ديه ڪانڙو ۾ پنجابي پٽي ۽ راجا برادري جي ٻن ڏرين وچ ۾ جهيڙي جي نتيجي ۾ گولي لڳڻ سبب قتل ٿيل نوجوان اسلم راجو جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٿٽي لڳ نوجوان نالي ۾ وهنجندي ٻڌي فوت ٿي ويو

ڳوٺاڻن واهه مان ڪڍي سول اسپتال مڪلي پهچايو، ڊاڪٽرن پاران موت جي تصديق

نوجوان نواز ملاح مرگي جي بيماري ۾ مبتلا هو، جيڪو پاڻي ۾ وهجندي ٻڌي فوت ٿي ويو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي لڳ فقير ڳوٺ پرسان فقير ڳوٺ جي رهواسي ملاح برادري جي معزز محمد علي ملاح جو پاڻڻ، غلام محمد ملاح (ڳاڻاڻي) جو 22 ورهين جو نوجوان پٽ نواز ملاح ٻاٽو ٻوروندا س نالي ۾ وهنجندي ٻڌي فوت ٿي ويو، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: نالي ۾ وهنجندي ٻڌي فوت ٿيل نوجوان جو لاش

ملير لڳ ڳوٺ تي چڙهائي، هٿياربندن جي فائرنگ 3 ڄڻا مارجي ويا

صالح محمد ڳوٺ ۾ دڪان تي بيٺل نوجوان محمد حبيب ولد صالح محمد لاشاري تي موٽر سائيڪل سوار 3 هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ جي نتيجي ۾ حبيب زخمي ٿي پيو، جنهن کي اسپتال نيو پئي ويو ته هن زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڪارروائي بعد لاش جناح اسپتال منتقل ڪيا، پوليس موجب ٻنهي کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي

ملير (رپورٽ: فاروق پنگوار) ملير جي صالح محمد ڳوٺ لڳ هٿياربندن جي فائرنگ 3ڄڻا مارجي ويا ، موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن صالح محمد ڳوٺ غريب پاڙي جي نوجوان حبيب کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويل جڏهن ته ڳوٺ لڳ ملير ندي ۾ هٿياربندن ٻن موٽر سائيڪل سوارن کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا.لاش جناح اسپتال منتقل. علاقي واسين تن جڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گلشن حديد ۾ ناري سان چوڪيدار جي جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش

گلشن حديد ۾ گذريل ڏينهن چوڪيدار گهر ۾ داخل ٿي ناري سان جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي ته ناري مقابلو ڪيو

رڙين تي پاڙيسرين جي گڏ ٿيڻ تي چوڪيدار کي مجبورن فرار ٿيڻو پئجي ويو مزاحمت تي ناري زخمي ٿي پئي

هو گهر ۾ اڪلي هئس، پاڙي ۾ ڊاڪٽر جي چوڪيدار گهر جي ديوار ٽپي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي، جنهن سان جمي مقابلو ڪيو:ناري

ملير(ڊ ر) گلشن حديد ۾ ناري سان چوڪيدار جي جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش، ناري بهادري سان مقابلو ڪري چوڪيدار کي فرار ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. مزاحمت تي زخمي. پاڙي ۾ ڊاڪٽر جي چوڪيدار گهر جي ديوار ٽپي اڪيلر ڏسي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي مٿي ۾ گلاس هنيو ۽ رڙيون ڪيون ته پاڙيسري گڏ ٿيڻ تي فرار ٿي ويو. هن فرار ٿيندي موٽر سائيڪل ڏانهن ڏني آهي . تحفظ فراهم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ملير: جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش جو شڪار ٿيل ناري، ٻئي طرف جوابدار ۽ ايف آءِ آر جو ڊيڪ

ٻڌي فوت ٿي ويو

نوشهرو فيروز ۾ بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) خانبهادر سيد الهندو شاهه سنڌ يونيورسٽي (ڪئمپس) نوشهرو فيروز جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد اظهر علي شاهه جي سهڪار سان فاطميه فائونڊيشن ريجنل بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهرو فيروز پاران بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ اسٽاف انتظاميه توڙي شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ملير جي پبلڪ اسڪول لاءِ سگا پاران اسڪالرشپ جو اعلان

سيف غريب ۽ اهل شاگردن لاءِ هميشه جيان اسڪالرشپ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي

سيف ڏاخلا لاءِ سخت شرط رکي ڇڏيا، سوين غريب ۽ اهل شاگرد اسڪالرشپ کان محروم ٿي ويندا

ملير (ڊر) سگا جي انتظام هيٺ ڪاميابي سان هلندڙ پبلڪ اسڪول گڏاب ۾ چهين ڪلاس لاءِ سيف پاران اسڪالرشپ جو اعلان، شرط سخت، سوين ٻار اسڪالرشپ لاءِ حصو وٺڻ کان محروم، ڏاريون جي لوڻ ٻيهر پبلڪ اسڪول گڏاب ۾ اچڻ جو خطرو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪي اين شاهه ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل پاران جلسو منعقد ڪيو ويو

ڳوٺ چوپار خيرپور ناٿن شاهه ۾ جشن امام زمانه عـ جو جلسو منعقد ڪيو ويو

تقريب ۾ علماءِ اڪرام ۽ شيعا علماءِ ڪائونسل ۽ سميت وڏي تعداد ۾ مومنين شرڪت ڪئي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) قائد ملت جعفريه پاڪستان آيت الله سيد ساجد علي نقوي جي شيعه علماءِ ڪائونسل پاڪستان جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سڪر جا مختلف علائقا گندگي جي ورچڙهيل، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

رهائشي ۽ ڪمرشل علائقن ۾ صفائي جي ناقص انتظامن سبب ڪچري جا ڍير لڳي ويا، مچرن جو آزار وڌي ويو

شهرين کي بلدياتي سهولتن جي فراهمي لاءِ سنڌ حڪومت هر مهيني ڪروڙين روپيا ڏيڻ باوجود صفائي جا ناقص انتظام نظر اچي رهيا آهن:شهري

ميونسپل ڪارپوريشن سڪر ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ ڪمپني سڪر جي ناقص ڪارڪردگي جو نوٽيس وٺي، سهولتون فراهم ڪيون وڃن

سڪر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني جي ناقص ڪارڪردگي، شهر جا مختلف علائقا گندگي ۾ پڪڙيل، شهرين ۽ سماجي حلقن پاران ڳڻتي جو اظهار، ميئر سڪر ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سڪر:انتظاميا جي ناقص ڪارڪردگي سبب گندگي جا ڍير جمع ٿيل آهي

گوادر جو پاڻي ۾ ٻڌي وڃڻ حڪمرانن جي دعوين جي منهن تي چماٽ آهي:ڪاشف سعيد شيخ

گوادر مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ اثرائتا اُپاءَ ۽ نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

گذريل 15 سالن کان حڪومت گوادر جي ترقي جون وڏيون وڏيون دعوائون ڪري رهي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 29 فيبروري 2024 جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي معاشي گيٽ وے چينجرتوڙي مستقبل جو دبئي ۽ سنگاپور قرار ڏنل گوادر شهر جو ته هائوڪي برسات جي پاڻي ۾ ٻڌي وڃڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

الڪشن ۾ پ پ وارن انتظاميا سان ملي ڪري مينڊيٽ چوري ڪيو:غلام مرتضيٰ جتوئي

حڪومت پنهنجو مدو پورو نه ڪري سگهندي عوام جي ڊي اي جي اميدوارن کي روٽ ڏنو

پاڪستان پيپلز پارٽي پوري سنڌ جي هر تڪ تي ڏانڊلي ڪري نتيجا تبديل ڪيا

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) اڳوڻو وفاقي وزير ۽ نيشنل پيپلز پارٽي جو چيئرمين غلام مرتضي خان جتوئي ڳوٺ رحيم خان مشوري جي رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهرو فيروز: غلام مرتضيٰ جتوئي تعزيت ڪري رهيو آهي

سڪر: صحافي جان محمد مهر جي وڇوڙي 200 ڏينهن مڪمل، احتجاج جاري

سڪر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي وڇوڙي کي 200 ڏينهن مڪمل، سندس قاتل گرفتار نه ڪيا ويا صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، سنڌ حڪومت کان نوٽيس وٺڻ جي گهر، سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري هڪ پيرو ٻيهر پاڪستان کپي جو نعرو هنيو آهي:اويس قادر شاهه

اسان کي پاڪستان جي عزت ۽ وقار دنيا ۾ بلند گهرجي، آصف زرداري جي هڪ پيرو ٻيهر صدر پاڪستان ٿيڻ بعد ملڪ جو نقشو تبديل ٿي ويندو

آئون پ پ جو جيالو آهيان ۽ رهندس، اسپيڪر جي عهدي جو حلف کڻڻ بعد قائدين کي سلام پيش ڪرڻ هتي آيو آهيان

شهيد اج به عوام جي دلين ۾ زنده آهن ۽ انهن کي ختم ڪرڻ وارن جو نالو نشان به باقي نا هي رهيو، اسان سنڌ جي عوام جا ٿورائتا آهيون

نئون ديرو(رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي نئين چونڊيل اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جيئو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي، جي ڪو چيئرمين ۽ ملڪ جي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري هڪ پيرو ٻيهر پاڪستان کپي جو نعرو هنيو آهي، چاڪاڻ جو اسان کي پاڪستان جي عزت ۽ وقار دنيا ۾ بلند گهرجي. آصف علي زرداري جي هڪ پيرو ٻيهر صدر پاڪستان ٿيڻ بعد ملڪ جو نقشو تبديل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نئون ديرو: اسپيڪر صوبائي اسيمبيل اويس قادر شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

نئون ڪوٽ پرسان بجلي تارن مان ڳوٺ کي باهه لڳي وئي، گهر سڙي رک ٿي ويا

گهرن ۾ پيل اناج ڪٽون هنڌ بسترا نياڻين جو ڏاج سميت گهرن جو سمورو سامان به سڙي ويو

فائر برگيڊ گاڏي به ڪلاڪ گذري وڃڻ باوجود واقعي واري هنڌ نه پهچي سگهي، متاثر بي يارو مددگار

مٿي مان بروقت فائر برگيڊ عملو نه پهچڻ ڪري اسان جو وڏيڪ نقصان ٿيو آهي، خاندان کلي آسمان هيٺ ويٺل آهن

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ پاڻائو اڙنا ۾ بجلي جي تارن مان اوچتو باهه لڳي وئي باهه جي تيزشدت سبب ابن اولو معشوق بچل سڪندر عطا الله ظهور اولوجا گهر چوٽنرا مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا. گهرن ۾ پيل اناج ڪٽون هنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ڪوٽ: ڳوٺ جي گهرن کي لڳل باهه ڳوٺاڻا وسائي رهيا آهن

بدين ۾ طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ جي اڳڪٿي ڪانپوءِ احتياطي اپاءَ نه ورتا ويا

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) موسميات ڪاتي طرفان طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ واري صورتحال جي اڳڪٿي ظاهر ڪرڻ ڪانپوءِ به بدين ضلعي انتظاميه طرفان ڪي ٻ احتياطي اپاءَ نه ورتا ويا آهن تفصيل موجب بلوچستان کان ڪراچي ۽ بدين جي ساحلي پٽي طرف ايندڙ برسات ٻوڏ جي موسميات ڪاتي طرفان ڪيل اڳڪٿي ۽ بدين ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بلوچستان کان شروع ٿيندڙ برساتن جو بدين ڏانهن وڌي رهيو آهي:ڊپٽي ڪمشنر بدين

برساتن جي اڳڪٿي سبب ايمرجنسي لاڳو آهي سمورن ڪاتن جون موڪلون رد آهن انهي جي باوجود ميونسپل آفيسر غائب آهي

شهر جي ڊي واٽر پمپنگ اسٽيشنن تي مشينون فنڪشنل هجڻ گهرجن، پاڻي جا قدرتي وهڪرا بحال ڪيا وڃن

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بلوچستان کان شروع ٿيندڙ برساتن جو سلسلو ڪراچي کان ٺيندو سنڌ جي ساحلي پٽي ضلعي بدين ڏانهن وڌي رهيو آهي ڪنهن به جاني يا مالي نقصان کان بچڻ لاءِ اڳواٽ سموريا ضروري اپاءَ ورتا وڃن ته جيئن ماڻهن جي جان و مال جو تحفظ يقيني ٿي سگهي اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هاليو مون سون جي تياري جي سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گذريل سال دوران پاڪستان ۾ 4213 ٻارن سان جنسي زيادتي ۽ ننڍي عمر ۾ شادي جا واقعا پيش ٿيا:برڪت علي انصاري

پاڪستان ۾ ٻارن تي ٿيندڙ جنسي تشدد ۽ ننڍي عمر ۾ شادي جي واقعن 2022 جي پيٽ ۾ 2023 ۾ چاليهه ڪيس گهٽ رپورٽ ٿيا آهن

پاڪستان ۾ 11 ڪان مٿي ٻار روزانو جنسي تشدد جو شڪار ٿين ٿا، 4213 ٻارجن ۾ 1962 چوڪرا ۽ 2251 چوڪريون جنسي حوس ۽ زيادتي جو شڪار ٿيا يو ويو

پنجاب ۾ 3165 جنسي زيادتي جا ڪيس رپورٽ ٿيا، جڏهن ته ٻي نمبر تي سنڌ ۾ 541 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ٻارن تي ٿيندڙ جنسي تشدد جي واقعن بابت ملڪ جي چئني صوبن سميت آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ سال 2023 دوران ٿيل جنسي ۽ تشدد واقعن جي ساحل ريجنل آفيس سڪر پاران سڪر پريس ڪلب ۾ ساحل اين جي او جي صوبائي ڪوارڊينيٽر برڪت علي انصاري پريس ڪانفرنس ڪندي ساحل طرفان گڏ ڪيل رپورٽ پيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نٽي جي ڪوهستاني علائقي ۾ ارڙي جي وبا تي ضابطو نه آيو، 15 ٻارڙا مبتلا ٿي ويا

اسانجي ڳوٺ سميت پرياسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ معصوم ٻارڙا ارڙي ۾ مبتلا آهن، صحت جون سهولتون نه هجڻ سبب ٻارڙن جون زندگيون خطري ۾ آهن:ڳوٺاڻا

هنگامي بنيادن تي ڊاڪٽرن جون ٽيمون اماڻي تيزي سان ڦهلجندڙ ارڙي جي وبا تي ڪنٽرول ڪري سنڌن ٻارڙن جون حياتيون بچايون وڃن

ارڙي جي وبا جي ڦهلجڻ جي خدشي سبب نٽي ۾ ويڪسين ڪرائي رهيا آهيون، ڳوٺ ۾ ڊاڪٽرن جي تيمر اماڻي ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي آهي :بي ايچ او

نٽو (ڊر) نٽي جي ڪوهستاني علائقي ۾ ڦهليل ارڙي جي وبا تي ضابطو نه اچي سگهيس، جنگشاهي ويجهو ڳوٺ صالح محمد برفت ۾ رڌيڪ 15 معصوم ٻارڙا ارڙي ۾ مبتلا ٿي ويا. هڪ معصوم ٻارڙي 3 ورهين جي سلمه خاتون برفت جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نٽو: ارڙي ۾ مبتلا ٻارڙا مختلف اسپتالن ۾ زير علاج آهن

سڪر: ايڊووڪيٽ قربان ملاڻو جو پينل بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويو

سڪر (رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ هائي ڪورٽ بار سڪر جو جو صدر سميت سينيئر ايڊووڪيٽ قربان ملاڻو جو پينل بنا مقابلي ڪامياب ڇو آهي ته وڪيل برادري ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ موجوده پليٽ فارم تي متحد ۽ منظم آهن. انهن لاءِ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪريو ته جيئن ڪين سندن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سڪر جي سول اسپتال مفت جي دوائن جي فراهمي نه ٿيڻ سبب مريض پريشان

سول اسپتال ۾ مريضن ۽ ڪي طبي سهولتن ڪانپوءِ بنيادي سهولتون ميسر ناهن، اسپتال انتظاميا جي لاپرواهي سبب دوائون به غائب ٿي ويون

ڊاڪٽر جي ڪمي تائين پهچڻ لاءِ قطارن ۾ بيهي انتظار ڪرڻ ڊاڪٽر کين سرڪاري دوائون لکي ڏيندا آهن، غريب مريض پريشان

سنڌ حڪومت طرفان وڏي مقدار ۾ دوائون ڏنيون وڃن ٿيون پر ميڊيڪل اسٽور عملو دوائون مريضن کي ڏيڻ بدران غائب ڪري ڇڏن ٿا:ذريعا

سڪر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سول اسپتال سڪر ۾ مفت دوائن جي فراهمي نه ٿيڻ سبب غريب مريض پريشان، اسٽور انچارج سرڪاري ميڊيڪل اسٽور کي تالا هڻي ڇڏيا. مريض پرائيويٽ ميڊيڪل اسٽورن تان دوائون خريد ڪرڻ تي مجبور، مريضن پاران اعليٰ اختيارين کان لاپرواهي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو. تفصيل موجب سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سڪر ۾ قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهرو فيروز ۾ سولنگي برادري جي عورتن جو پوليس چڙهائي خلاف احتجاج

ايس ايچ او نوشهرو فيروز بااثرن جي ونگارو آهي، اسان کي گار گند ڪري ڪئي آهي: مظاهرين عورتون

عورتن جي گهر تي پوليس جي چڙهائي ڪري گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو، متاثر عورتن جون پوليس خلاف دانهون

ڪيس ڪورٽ ۾ آهي، اسان کي ڪورٽ سڳوري جو حڪم مليو ته 145 ڪارروائي تحت پلاٽ پنهنجي قبضي هيٺ ڪيو:پوليس

نوشهروفيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز رم جهم هوٽل لڳ سولنگي عورتن جي گهر تي پوليس جي چڙهائي ڪري گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. متاثر عورتن جون پوليس خلاف دانهون ميڊيا کي ٻڌايو شعيب،پنهور،مشتاق،سڌير،اسلم منار پنهور ۽ ٻين پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهرو فيروز: سولنگي برادري جون عورتون پوليس خلاف دانهي رهيون آهن

جماعت اسلامي سنڌ جو اجلاس آڇرتي ٿيندو، محمد حسين محنتي صدارت ڪندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) 29 فيبروري 2024 جماعت اسلامي سنڌ جي ضلعي اميرن جو اجلاس آڇر 03 مارچ تي صبح جو 10 وڳي قباءَ آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيندو. صوبائي امير محمد حسين محنتي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ عام چونڊن، ڏانڊلين خلاف تحريڪ سميت ڪارڪردگي ۽ اڳتي جي رڻڪندي ڪئي ويندي.

نٽي ۾ ڳوٺاڻي جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج

بااثر مختلف هائوسنگ سٽيز جي انتظاميا سان ملي اسانکي بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا:ڳوٺاڻو

اڏاوت جو ڪم به تيزي سان جاري آهي، پر اسان جي ڪير به مدد ڪرڻ وارو ناهي

نٽو(ڊر) يوسي جهمپير، ديه ڪوهستان سٽ پاڳي هڪ جي ڳوٺ سائينون جاکرو جي رهواسي محمد اسماعيل جاکرو مڪلي پهچي بااثر هائوسنگ سوسائٽي جي انتظامي پاران سندس ڳوٺ، قديمي قبرستان، پاڻي جي ٻورن، واٽر سپلاءَ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

رت جو عطيو ڏيڻ جان جو صدقو آهي:زاهد علي رند

منهنجي هر شهر جي نوجوانن کي گذارش آهي ته رت جو عطيو ڏيندا ڪيو

اسان گهٽي ۾ گهٽو رت جو عطيو ڏئي ٿيلسيميا جي ٻارڙن جون زندگيون بچائيندا رهنداسين

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز اسان سمجهون ٿا ته جنهن هڪ انسان جي جان بچائي ان جڻ پوري انسانيت جي جان بچائي آهي اهڙن خيالن جو اظهار سياسي سماجي اڳواڻ ن ليگ جي صوبايي نايب صدر زاهد علي رند ٿيلسيميا جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهرو فيروز: بلڊ ڊونيشن سينٽر تي نوجوان رت جو عطيو ڏئي رهيا آهن

نوشهرو فيروز ۾ مامي هٿان قتل ٿيل ڀاڻيجي جو ڪيس ٻن جوابدارن تي داخل

قل پوليس پنهنجي مدعيت ۾ ٻن مبينا جوابدارن تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

جوابدار شير علي جنهن پنهنجي ڀاڻيجي کي ڪاري ڪري مارڻ جو اعتراف ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظورملڪ) گذريل ڏينهن مامي پاران پنهنجي نوجوان ڀاڻيجي تي ڪارنهن جي تهمت هڻي قتل ڪيل واقعي جو قل پوليس پنهنجي مدعيت ۾ ٻن مبينه جوابدارن تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ڪيس ۾ قل پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

اسڪول جي معاملي تي سوشل ميڊيا تي هلندڙ پروپيگنڊا ۾ ڪابه صداقت ناهي:پرنسپل برڪت برناڻ

ڪجهه شاگردن اهڙي قسم جو ڊرامون رچائي موڪل وٺڻ پئي چاهي، پروپيگنڊا ۾ ڪابه صداقت ناهي

ڊرامون ڪندڙ ٻارن جو تعلق ٺٽي سان ناهي، هاسٽل ۾ پوري پاڪستان جي شهرن جا شاگرد رهن ٿا

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) آرمي پبلڪ اسڪول مڪلي جي پرنسپل برڪت برناڻ پريس ڪلب ٺٽو پهچي گذريل رات سوشل ميڊيا تي آرمي پبلڪ اسڪول خلاف سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن بابت پنهنجو موقف پيش ڪندي چيو ته اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نئون ڪوٽ ۾ ڪائونسلر جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج

بااثر اسان جي خلاف ڪوڙي واويلا ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ چاهين ٿا

معاملي جو نوٽيس رٽي انصاف فراهم ڪيو وڃي :اعلي اختيارين کان مطالبو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ ڪائونسلر جو ڳوٺاڻن خلاف احتجاج، زمين تي قبضي جو الزام ، خبر موجب نئون ڪوٽ جي وارڊ نمبر 1 جي ڪائونسلر فتح محمد جسڪاڻي پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته امداد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نئون ڪوٽ: زمين تي قبضي خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

موسميات ڪاتي ۽ پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي سيائي ڪان سنڌ ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي:ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز

برسات دوران بجلي جي بنا ڪنهن وقفي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪمزور بجلي جي پولن ۽ لٽڪيل تارن کي فوري طور تي ٺيڪ ڪيو وڃي

صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهو، اسپتال ۾ ايمبولينس ۽ جنريٽر سميت عملي ۽ دوائن جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي

پمپنگ اسٽيشنن کي هلائڻ لاءِ بجلي ۽ جنريٽر فراهم ڪيا وڃن، نالن جي صفائي جو ڪم مڪمل ڪيو وڃي:هدايت

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي نوشهروفيروز محمد اسرلان سليم جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ امڪاني برساتن ۽ ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اجلاس ٿيو. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته موسميات ڪاتي ۽ پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي سيائي ڪان سڄي سنڌ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گولاڙچي ۾ چورين ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو، احتجاجي مظاهرو

ڏهه ڏينهن اڳ ۾ موٽرسائيڪل ڦر جي دوران شهرين جي مزاحمت تي ڦروڙو پنهنجي موٽر سائيڪل ڇڏي ڀڄي ويو

ڦورن کي تعلقي گولاڙچي جي هڪ يونين ڪائونسل جو چئيرمين جو آشيرواد حاصل آهي:مظاهرين

ڦورو کي پوليس حوالي ڪرڻ جو يقين ڏيارڻ ڪانپوءِ به جوابدار پوليس حوالي نه ڪيا آهن، نوٽيس وٺڻ جي اپيل

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) گولاڙچي ۾ چورين ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو ٻهراڙين ۽ شهري ماڻهن جو چورن جيئ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڏهه ڏينهن اڳ ۾ موٽرسائيڪل ڦر جي دوران شهرين جي مزاحمت تي ڦروڙو پنهنجي موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گولاڙچي: بدامني خلاف شهري احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

مانجهند پرسان پ ٽ الف اڳواڻ پرائمري استاد اڪبر علي خاصخيلي دل جو دورو پوڻ سبب فوت

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان پ ٽ الف ضلع اڳواڻ سرگرم سماج سڌارڪ وطن دوست پرائمري استاد ۽ جگرمڙس دل جو دورو پوڻ سبب فوت هر اڪ آلي سوڳ جي لهر جنازي نماز ۾ زين شاه بدرالزمان شاه ڊاڪٽر ضياءَ شاه سميت هزارين ماڻهن جي شرڪت تفصيل موجب مانجهند پرسان ڳوٺ حاجي احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سڪر: امتحاني اميدوارن سان دوڪو ڪري موبائل فون چوري ڪندڙ جوابدار گرفتار

سڪر جي تعليمي اداري آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سڪر ۾ هلندڙ ٽيسٽ دوران اميدوارن کان چوري ڪيل 20 موبائيل فون هٿ ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

پوليس اسڪول جي ٻاهران نوجوان کي حراست ۾ رٽي جاچ شروع ڪري ڏني، اميدوارن جا موبائيل فون گڏ ڪيا ۽ ٽيسٽ ڪانپوءِ موبائيل فون واپس وٺڻ لاءِ ٽوڪن ڏنا هئا

سي سي ٽي وي فوٽيجز جي مدد سان جوابدارن جي سڃاڻپ ڪندي جوابدارن جي گهر تي ڇاپو هڻي 13 چوري ٿيل موبائيل فون هٿ ڪري ورتا

سڪر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)سڪر پوليس جي اهم ڪارروائي امتحاني اميدوارن سان دوڪو ڪري موبائيل فون چوري ڪندڙ جوابدار گرفتار، ڪيس داخل، موبائيل فون مالڪن حوالي ڪيا ويا. سڪر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته، سڪر جي علاقي ملٽري روڊ تي قائم تعليمي اداري آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سڪر ۾ هلندڙ ٽيسٽ دوران اميدوارن کان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

29 فيبروري کان سنڌ ۾ هواءِ بارش جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي:ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان

موسميات ڪاتي جي اڳڪٿي موجب سمورا ادارا پنهنجون تياريون مڪمل ڪري دستياب مشينري کي درست حالت ۾ رکن

صحت کاتو صحت مراڪزن تي مڪمل ادويات سان گڏ ڊاڪٽر، پيئرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ايمبولنس جي موجودگي کي يڪ يقيني بنايو وڃي

برساتي پاڻي جي نڪاسي لاءِ پمپنگ اسٽيشن کي فنڪشنل حالت ۾ رکيو وڃي، جنريٽر ۽ ڊيزل جو مڪمل بندوبست ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) موسميات ڪاتي پاران سنڌ ۾ تيز هواءِ بارشن جي ڪيل اڳڪٿي متعلق هڪ اجلاس ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڦرمون پاواني جي صدارت هيٺ ڊي سي ڪامپليڪس جي ڪميٽي هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان چيو ته پراونشل ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي اي ايم اي) پاران 29 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊو محمد خان: ڊپٽي ڪمشنر ضلعي عملدارن سان اجلاس ڪري رهيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ پلاٽ تي قبضو ڪري اڏاوت ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نوشهرو فيروز شهر وچ ۾ پير گوٺ نصيرالدين جي پلاٽ واري

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمع پهرين مارچ 2024ع

ادارن تان رياستي گرفت ختم ڪرڻ واري 'لبرلائيزيشن'

نگران حڪمرانن کي اختيارن جي هريڙ چا هٿ اچي وئي، اهي پاڻ کي پنساري سمجهندي ويندي ويندي عوام دشمن فيصلا ڪرڻ کان به نٿا مڙن. اهڙوئي هڪ تازو فيصلو بجلي ۽ گئس جي اڳهن جي نوٽيفڪيشن ۾ حڪومتي ڪردار ختم ڪرڻ وارو پڻ آهي. خبر موجب: وفاقي ڪابينا نيپرا ۽ اوگرا قانونن ۾ ترميمن جي منظوري ڏيئي ڇڏي آهي. ترميمن تحت نيپرا ۽ اوگرا جا ادارا قيمتن جي نوٽيفڪيشن ۾ با اختيار هوندا. حڪومتي مداخلت ڪانسواءِ اوگرا ۽ نيپرا گئس ۽ بجلي اڳهن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري سگهندا. عوامي شڪايتن جي ٻڌڻ لاءِ ٽريبيونل پڻ جوڙيا ويندا.

عالمي استحصالي آڪٽوپس غريب ۽ پوئتي پيل ملڪن جي معيشتن کي پوري ريت جڪڙي ورتو آهي. عالمي استحصالي ايجنڊا تي عمل ڪندڙ مالياتي ادارا غريب ملڪن کي قرضن جي ڪوڙڪين ۾ ڦاسائي انهن جو رت ست نپوڙي رهيا آهن. هاڻي ته انهن ملڪن جون سالياني بجيٽون به انهن مالياتي ادارن جي فرمائش تي ٺهي رهيون آهن. انهن ملڪن جي مالياتي خود مختياري ختم ٿي چڪي آهي. گلوبلائيزيشن، پرائيويٽائيزيشن ۽ لبرلائيزيشن واري ايجنڊا تي عمل ذريعي غريب ملڪ چوڪنيا ٻڌايا ويا آهن. پرائيويٽائيزيشن يا نجڪاري جي نالي ۾ اهڙن ملڪن جا اهم ادارا ۽ صنعتون وڪرو ڪيا پيا وڃن. ڊائون سائزنگ يا ڇانٽين ذريعي عام ماڻهن کي بيروزگار ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ جنهن کي رائيٽ سائزنگ جو نالو ڏنو ويو آهي. لبرلائيزيشن جي نالي ۾ معاشي سرگرمين تان رياستي ڪنٽرول ختم ڪيو پيو وڃي. اسان جي ملڪ ۾ به پرائيويٽائيزيشن، ڊائون سائزنگ/رائيٽ سائزنگ ۽ لبرلائيزيشن واري عالمي استحصالي ايجنڊا تي ڪئين ڏهاڪن کان ڪم تيزيءَ سان جاري آهي. لبرلائيزيشن جي نالي ۾ هتي معاشي سرگرمين تان رياستي ڪنٽرول ختم ٿي رهيو آهي، ادارن تان حڪومتي اختيار ختم ڪيا پيا وڃن، جنهن جو هڪ مثال نيپرا ۽ اوگرا جا ادارا آهن. اوگرا تيل ۽ گئس جي اڳهن جو تعين ڪندو آهي، جڏهن ته نيپرا وري بجليءَ جي قيمتن جي تعين لاءِ ذميوار آهي. اڳ انهن ادارن کي ته وري به حڪومتي منظوري جي ناڪيلي پيل هوندي هئي، پر هاڻي خبرون اهي آهن ته انهن کي ان پابنديءَ کان آجو ڪيو ويو آهي ۽ اڳ ئي فيل مست ۽ مڪنا هاڻي بٽيل اهي ادارا هاڻي ته حڪومتي منظوريءَ جا محتاج نه رهيا آهن. نئين قانون سان انهن تان حڪومتي ڪنٽرول به ختم ٿي ويندو اهي ادارا ڪنهن چونڊيل بادي جي ماتحت به نه آهن، ان ڪري اهي عوام ڏانهن جوابدہ نه آهن. اسان اڳ به ان راءِ جا هئاسين ته انهن ادارن کي پاڻ وهيٽو ڇڏڻ بدران پارليماني ڪميٽي جي اڳيان جوابدہ ڪيو وڃي. اهو ته پري رهيو پر ويترا نهن تان نالي ماتر حڪومتي ڪنٽرول به ختم ڪيو ويو آهي. حڪمران ڏکيا ۽ سخت فيصلا انهن ادارن ذريعي ڪرائڻ ٿا چاهين ته جيئن هو پاڻ عوامي دٻاءُ کان آجا رهن. اسان جو ملڪ آهي ته ائٽمي طاقت، پر حڪمرانن جي غلط پاليسين جي ڪري ان کي ڪشڪول هٿ ۾ ڏنو ويو آهي. اها ڪهڙي "توقير" آهي هڪ ائٽمي سگهه رکندڙ ملڪ جي!؟ هاڻي ته اسان جي سالياني بجيٽ به عالمي مالياتي ادارن جي فرمائش تي ٺهي ٿي. جڏهن گئس ۽ بجليءَ جا اڳهه به انهن مالياتي ادارن جي فرمائشن تي مقرر ٿيندا ته عوام جي جيئڻ جا گس ويتر سوڙها ٿي ويندا. نيون چونڊون ٿي چڪيون آهن. حڪومتي سازيءَ جو عمل جاري آهي پر حيرت اها آهي ته نگران حڪومت اهي اهم معاملا نئين چونڊيل حڪومت تي ڇڏڻ بدران تڪڙ ۾ اهي عوام دشمن فيصلا ڪري رهي آهي. نگران حڪومت عوام جي چونڊيل ۽ عوام ڏانهن جوابدہ نه آهي، اها ڪيئن ته اهي اهم فيصلا ڪري سگهي! آخر عوام جي صبر کي چو پيو آزمايو وڃي؟ عوام جي مزاج جي موسم ڪنهن به وقت بدلجي سگهي ٿي. حڪمرانن کي ياد رکڻ گهرجي ته عوام جي ٻانهن ۾ اڃان به ڇَتَ، پَٽن سان هٿڻ جيترو ٻل موجود آهي.

اسان وٽ اهو حڪمرانن جو تڪيو ڪلام رهيو آهي ته فيصلا ملڪ جي وسيع تر مفاد ۾ ڪيا پيا وڃن پر ياد رکڻ جهڙي گاله اها آهي ته عوام کي بدحاليءَ جي تحت اٿريءَ ۾ اڇلائي ڪيل فيصلا ڪيئن ٿا ملڪي مفاد ۾ ٿي سگهن؟ ملڪ تڏهن ئي خوشحال ٿيندو، جڏهن عوام مطمئن ۽ خوشحال هوندو. ان ڪري اهڙا قانون نه جوڙيا وڃن، جيڪي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏين. نئين جوڙندڙ حڪومت کي اهڙا عوام دشمن قانون Undo ڪرڻا پوندا.

دل مان وطن هڪڙي ويڙهه ناهي نڪتو!

امر رائيسنگهه راجپوت

